# هاٿي ۽ سهو

هڪ دفعي هڪ جهنگل ۾ هاٿين جو جُهنڊ هڪ سندر تلاءُ جي پاسي کان لنگهيو پئي. تلاءُ جي چوڌاري بخمل جهڙو سائوسائو گاهه ۽ گلن جا ٻوٽا پوکيل هئا، جنهن کي ڏسي هاٿين جو جُهنڊ موج ۾ اچي ويو ۽ گاهه تي نچڻ ٽپڻ لڳو. پوءِ تلاءَ ۾ سنان ڪري سيپئي هاٿي خوش ٿيا. هاٿين جي جهُنڊ ڪجهه ڏينهن اُن تلاءَ جي آس پاس رهڻ جي ويچار ڪيو، جئن ڪجهه ڏينهن اُن سندر تلاءَ جو آنند ماڻي سگهن.

تلاءُ جي چوڌاري پوکيل گاهه هينان ڪيترن ئي سهن جا گهر هئا. هاٿين جي مدمست تي گاهه مٿا نچڻ ڪري، اُنهن جي پيرن هينان اچي ڪيترائي سها مري ويا، ڪيترن جا هٿ پير پڃي پيا ۽ ڪيترا گهايل ٿيا.

هاٿين جي جُهنڊ جي وڃڻ بعد باقي بچيل سهن سيا ڪوٺائي جنهن ۾ سيني اها چنتا ظاهر ڪئي ته ڪجهه ڏينهن جي هاٿي ان نموني گاهه تي مدمست تي نچندا ته اسان مان ڪنهن جو به نالو نشان نه رهندو. هڪ سهي صلاح ڏني، ” اسان کي هي جڳهه ڇڏي ٻئي ڪنهن هنڌ هلي رهڻ کپي. ٻئي سهي چيو، ” هن زمين تي اسين ابن ڏاڏن جي زماني کان رهندا آهيون. هتان پڃي وڃڻ کان بهتر آهي مصيبت جو مقابلوڪيون.“ ٽئين سهي چيو، ”اسين پنهنجي ٻل سان ته هاٿين جو مقابلو نه ڪري سگهنداسين. ان ڪري ٻُڌيءَ سان ڪا ترڪيب سوچي هاٿين جي جُهنڊ کي هتي اچڻ کان روڪڻ کپي.“

هڪ سياڻي سهي چيو ته مونکي هڪ ترڪيب سجهي آهي. اُن سهي جي ترڪيب ٻُڌي اُن کي آزمائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. هنن هڪ هوشيار سهي جنهن جو نالو لِمبَڪَرڻ هو اُن کي اهو ڪم سونپيو.

لِمبَڪَرڻ هاٿين جي جُهنڊ وٽ وڃي پهتو ۽ جُهنڊ جي اڳُوان هاٿيءَ سان گڏيو . لِمبَڪَرڻ بنا ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي اُن اڳُوان کي چيو،” جنهن تلاءَ جي آس پاس اڄ توهان جي هاٿين جي جهنڊ مدمست ٿِڃي نينگ ٿيا ڏنا آهن، سياڻي کان اُن تلاءَ جي آس پاس وڃڻ کان هاٿين کي منع ڪري ڇڏيو، نه ته توهان جي سڄي جُهنڊ جو وناش ٿي ويندو!

لِمبَڪَرڻ جي اها ڌمڪي ٻڌي هاٿين جي اڳُوان ڪانئس پڇيو ” تون ڪير آهين؟ پهرين پنهنجي واقفيت ڏي!“

لِمبَڪَرڻ جواب ڏنو. ” مان چندر منڊل جو نواسي آهيان ۽ چندرما ديو جو دوُت ٿِڃي توهان کي اُن جو نياپو ڏيڻ آيو آهيان. توهان جي مدمست ٿي تلاءُ جي آس پاس گاهه تي نچڻ سبب چندرما ديو جي ڪيترن ئي پيارن جيوَن جو موت ٿيو آهي ۽ ڪيترائي ته زخمي ٿيا آهن . اڄ

چندرما ديو باقي بچيل پيارن جيوَن کي آٿت ڏيڻ آيو آهي. توهان جي اُن بيدرديءَ جو انجام ڏسي هو بيهد دکي ٿيو آهي ۽ توهان تي ڏاڍوڪاوڙيل آهي. جيڪڏهن توهان کي منهن جي ڳالهه تي وشواس نٿو اچي تہ مونسان گڏ هلي پنهنجي اکين سان ڏسو!“

هاٿين جي اڳوان چٽُردَنت ، لِمبَڪَرڻ سان گڏ اُن تلاءُ وٽ آيو. اُن وقت رات ٿي چڪي هئي. لِمبَڪَرڻ ، هاٿين جي اڳوان کي تلاءَ وٽ آيو. لِمبَڪَرڻ ، هاٿين جي اڳوان کي تلاءَ جي ڪناري تي بيهاري چيو، ”ڏيان سان ڏس! هن تلاءُ ۾ ڪيئن نہ چندرما ديو ڪروڌت ٿي هلي رهيو آهي!“

هاٿين جي اڳوان چٽُردَنت تلاءُ ۾ چندرما جو هوا ۾ هلندڙ پاڇو ڏسي لِمبَڪَرڻ جي ڳالهہ تي وشواس ڪندي ڏڄي ويو ۽ چندرما ديو کي هٿ جوڙي پراٿنا ڪيائين، ”معاف ڪجانءِ چندرما ديو! مان انجام ٿو ڪيان سياڻي ڪان اسان هن تلاءُ طرف اک ڪڻي بہ نہ نهاريندا‌سين ۽ توهان جي آگيا جو پورو پورو پالن ڪنداسين .“

هن آکاڻيءَ مان اِها سِکيا ٿي ملي تہ بُڌيءَ ۾ بَلُ آهي.